# ڏوهه ٻارن جو ڪونهي

اڄ ڪلهه جتي ٻه ۽ جڏهن ٻه سنڌي ڳالهائڻ جي ڳالهه نڪرندي آهي ته اتي موجود سڄڻن مان گهڻو تعداد اهڙن شخصن جو هوندو آهي جيڪي شڪايت ڪندا آهن ته ٻارن کي گهڻو ئي ٿا چئون پر ٻار سنڌي ڳالهائين ئي نه ٿا؛ ته، ٻارن کي گهڻو ئي ٿا سمجهايون ته سنڌي ڳ الهائڻ ضروري آهي پر ٻار مڃين ئي نه ٿا.

مٿاڇري تي مائٽن جو ائين چوڻ صحيح هوندو آهي پر گهِرائِيءَ سان سوچڻ تي ٻارن کي ڏوهه ڏيڻ نه رڳو اجايو پر غير واجب لڳندو آهي.

حقيقت ۾ اڄ گهڻو تعداد اهڙن مائٽن جو آهي جيڪي نه پاڻ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ٿا ۽ نه وري ڪين اهو پسند آهي ته سندن ٻار سنڌي ڳالهائين؛ پنهنجيءَ ان مانسڪ ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ ئي گ هڻا مائٽ ٻارن تي اهو ڏوهه مڙهين ٿا ته ٻار سنڌي نٿا ڳالهائين.

مائٽن - خاص ڪري پڙهيل مائٽن جي سنڌي ڳالهائڻ ڏانهن اهڙي رخ جو هڪ ڪارڻ آهي اها اڌوگابري ڄاڻ ته سنڌي ڳالهائڻ سبب سندن ٻارُ انگريزيءَ يا هنديءَ ۾ ڪمزور رهجي ويندو. اهڙي قسم جو ڀرم ڦئلائڻ ۾ انگريزي ماڌيم جي اسڪولن ۽ انگريزي پاڙهيندڙ ماسترن جو به هٿ رهيو آهي؛ هونئن حقيقت اها آهي ته ننڍيءَ عمر ۾ ٻارُ پنهنجي ڀاشا يا ماتر ڀاشا ٻنان سيکارڻ جي ڳالهائڻ سکي وٺندو آهي ۽ پنهنجيءَ ڀاشا جو سٺو استعمال ڪيس ٻين ڀاشائن جي سکڻ ۾ مددگار ٿيندو آهي. ان ڪري جي مائٽ ننڍڙن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ته پوءِ ٻارَ خود به سنڌي ڳالهائيندا ۽ ڪين ائين چوڻ جي ضرورت نه پوندي ته سنڌي ڳالهائڻ سکو؛ پر مائٽ ننڍي هوندي ٻارن سان سنڌي ڳالهائڻ جي بدران جوان پڙهندڙ ٻارن کي رڳو زباني جمع - خرچ جي روپ ۾ سنڌي ڳالهائڻ جي صلاح ڏيندا آهن.

اهو ٽيو پکن گهڙن کي ڪَنا وجهڻ؛ جيڪا ڳالهہ نہ ٽيڻ جهڙي آهي
ڇو تہ وڏيءَ عمر ۾ پنهنجي ماتر ڀاشا بہ سکڻي پوندي آهي جنهن لاءِ
وقت ڏيڻو پوندو آهي ۽ اڄ ڪلهہ جي ڇتاڀيتيءَ واري زماني ۾ جيڪي
ٻار پنهنجي اپياس ۽ ڪئريئر کي گنڀيرتا سان کڻن ٿا انهن وٽ
واسطيدار وشين جي اَپياس کان وڌيڪ وقت ڪونهي ۽ جي وقت آهي
بہ تہ انهن کي ٻيون گهڻيون ئي مشغوليون آهن.

تنهن ڪري مائٽن کي حقيقت پرست ٿيڻ گهرجي. ويلَ اڃان بہ ويئي
ڪانهي. صبوح ان وقت بہ سمجهي سگهجي ٿو جنهن وقت سڄاڳہ
ٿجي. جي پنهنجي اولاد سان نندي هوندي سنڌي نہ ڳالهائڻ جي
اسان غلطي ڪئي آهي تہ پنهنجي اولاد جي اولاد سان سنڌيءَ ۾ ڳ
الهائي اها غلطي سڌاريون.

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪابہ ٻولي رڳو تيستائين زنده رهي
سگهندي جيستائين اها ڳالهائجي ٿي؛ ۽ ڪا بہ ٻولي ڳالهائڻ ۾ تڏهن
ئي قائم رهندي جڏهن اها ٻنان سيکارڻ جي ڳالهائجي ٿي.

اسان کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ پنهنجي ٻولي کو اهڙو هنر
ڪونهي جيڪو اول سکجي ۽ پوءِ استعمال ڪجي؛ پنهنجي ٻولي يا ماتر
ڀاشا اهڙو سهج وهنوار آهي جيڪو ٻار ماءُ جي ٿڃ ڌائيندي ماءُ سان ڳ
الهيون ڪندي سکندو آهي. ان ڪري ڪلاس هلائي سنڌي سيکارڻ -
سنڌيءَ کي بچائڻ لاءِ لڳايل امرجنسي آڪسيجن سلينڊر جي برابر
آهي. سنڌي ٻولي رڳو تڏهن ئي بچي سگهندي جڏهن اها سنڌي
ڪلاس ۾ نہ پر ماءُ جي هنج ۾ ڪير پيارڻ وقت سيکاري ويندي.